سنت مالا

١٦٤٧ - ١٦٥٠

فبروري - مارچ - ٢٠١٠

ٽي درويش

واسواڻي

١٠ رپيا

وشیہ سوُچي

سمرپن

درويشن

جي ڪمل قدمن ۾!

پرستاونا

هن ننڍڙي پستڪ ۾ ٽن درويشن جو ذڪر ڪريان ٿو:- (۱) نوُرِي (۲) پارسِي ۽ (۳) لوهار. ٽيئي سچا فقير هئا: ٽنهي سائينءَ ڏي سڌو رستو ڳولي لڌو. اِهو سڌو رستو آهي اندر جو: وچ دل مندر ڪين درشن مليو جوت جو. انتهہ ڪرڻ شڌ ڪيائون: پاڻ کي سڪ جو، محبت جو سبق پاڙهيائون: پاڪ دل جي اندر، پنهنجي چت اندر، ڏٺائون اِسرار عجيبن جو! هڪ سندر شلوڪ ۾ سنڌ جو سنت ۽ شاعر، ڀائي چئنراءِ چوي ٿو تہ:-

سهسين پڙهي سبق، حافظ جاڻن پاڻ کي:
سمجهن ڪين سلوڪ جو، اِشارو احمق:
ورلو ڪو واقف ٿيو، ويڙهي سڀ ورق:
ڏٺا جنهن طبق، چوڏهن پنهنجي چت ۾!

اسان مان گهڻا تہ وقت ڀيا وڃائين: ڪهڙين ننڍڙين ڳالهين ۾! ڪهڙن اجاين تڪرارن ۾! پر هِي فقير، درويش، پريوءَ جا پيارا هڪ ڳالهہ پڪڙين ٿا تہ:-

سنت مالا

(۱)

نوُرِي

اِڪ پريوءَ جو پيارو هو: تيجسوي هو! ڪيس ڏسي ماڻهو چوندا هئا تہ هن ۾ ڪيڏو نہ تيج آهي! ڪهڙي نہ سونهن تيجسويءَ کي تي ملي! اوهان جا چلڪندڙ ڪپڙا ۽ ساڙهيون، تن ۾ سچي سونهن ڪانهي نڪي مندين مٽين ۾ آهہ. جو اِندرين تي ضابطو رکي ٿو، زندگيءَ ۾ پوتر رهي ٿو، تنهن ۾ عجيب سونهن ٿي چمڪي! هن پياري وڏي تپشيا ڪئي. هن جو سرير نربل! پر ڪيئن نہ هن جي سرير ۾ تيج پئي چمڪيو. هن کي ڏسي لوڪ چوندا هئا تہ هي تہ پوتر پرش جو چنڊ آهہ! جيئن چنڊ پيو چمڪي عجيب سونهن ۾، تيئن هي بہ پئي چمڪيو. پريوءَ جي پريم ۾ مست ٿي ويندو هو. ڪيس عجيب پيار هو! جڏهن مستيءَ جي لهر هن تي ايندي هئي تڏهن ٻاٽي چوندو هو. ڪيس ڪوٺيندا هئا ”نوُرِي!“ هن فقير تي اهو نالو ڇو پيو؟

شام جو هن پياري جو ست سنگہ ٿيندو هو. جنهن وقت اُپديش ڏيندو هو، اُن وقت وري وري ڪيترن شت سنگين ڏٺو تہ نوريءَ جي آس پاس ۽ سندس مٿي تي روشنيءَ جو چڪر، چٽ آهي. سائين سچو ستگر ڏئي ٿو پنهنجن پيارن کي اِهو

اَندر اَسان جي، اسانجي آس پاس
هرهنڌ، هر مڪان، ڪري ٿو نواس
هڪ عجيب اِسرار، هڪ اَننت شڪتي؛
اُن سان رکن ٿا، اَکنڊ ڀڳتيِ!

هي ٽيئي درويش نام جي ڀڳتيءَ ۾ رهيا، ۽ عشق جي راهه ۾ هليا، هلندا رهيا. پريوءَ جي پيار ۾ هنن سياڻن ٻيو سڀ ڪجهه وساريو! هڪ پريتم ڏي هنن نهاريو! هڪ محبوب کي هنن پڪاريو، پنهنجي دل جي اندر وهاريو! سامي جن چون ٿا ته:-

جنهن کي عشق لڳو، اچي عجيبن جو!
تنهن ملي ساڌ سنگت سان، سامي ڀول ڀڳو.
وڪڙي ڏور ڏڳو، سمهيو سکپت سيج تي.

جيڪي به هي ننڍڙو پستڪ پڙهن، شل اُنهن تي اَهڙي آسيس ٿئي ته پنهنجي روز بروز جو ڪم ڪار ڪن پريم ۾، پريم جي ئي رنگ ۾ رتل رهن، نه پنهنجي فرض کان منهن موڙين پر پنهنجو ڪم ڪار، وهنوار پريوءَ جي چرنن ۾ ارپن ڪن ۽ ڀڳتيءَ ۾ ڀنل رهن!

پونا

واسواڻي

سنگہ عجيب هو. پائر سندس ست سنگہ ۾ اچن تہ چڻ تہ وينا جهولين، مستيءَ ۾ چڙهي وڃن؛ وقت بہ وقت نوُري ويهي پنهنجي سرير سان ڳالهائي! سرير کي چوي: ”اي سرير! هيترو وقت پنهنجي اِڇا ۾ رهيو آهين؛ هينئر توکي رهڻو آهي پرڀوءَ جي چرنن ۾، عيش عشرت کان پري رهہ!“

۴۰ سال تپشيا ڪري ٿو. هي سرير آهہ گهوڙو: مليو آهہ سواري ڪرڻ لاءِ: هوشيار ٿيو. ڪيترن کي تہ سرير پيو هلائي ۽ ڪيرائي. جيڪر اَوهين روز رهو هوشيار! متان ڪِري پئو! نوري سرير تي ضابطو پاتو. جيئن سرير کي چوي تيئن سرير ڪري. رات جو جاڳڻ جو خيال ٿئيس، جاڳي وهي! سرير کي قابو ڪري، نوري اچي ٿو شيوا جي ميدان ۾. ست سنگہ اچي کولي ٿو.

نوريءَ ۴۰ سال تپشيا ۾ گذاريا ۽ ڪنور تپشائون ڪيائين. ست سنگہ ۾ پهرين سکيا هيءَ ٿو ڏئي تہ (۱) پشوُڌرم کان پري رهو! آتمڪ ڌرم ۾ رهو! ڪانئس پڇن ٿا تہ ”پشوُڌرم“ ڇا آهي؟ نوري چوي ٿو تہ پشو ڌرم اوهان جي آس پاس آهي، ڏسو ڪئن نہ لوڪ ڀوڳہ ۾ پيا ڀٽڪن. اِندرين تي ضابطو رکن ڪين. ڪيترا تہ ست سنگہ کان منهن ٿا موڙين. ڪي تہ ٿورو وقت ست سنگہ ۾ وهن: تنهن کان پوءِ سندن جيون معمولي. ڪين جيون تي ضابطو ڪونهي. ڪيترا چون ”اسان گيت ڳايا، ست سنگہ ۾ آياسين، اَسان فرض پورو ڪيو!“ نوريءَ چيو تہ ”روز اِندرين تي ضابطو رکو! پوءِ روحاني طاقت اوهان جي کلندي. هي مذهبن جا

ڇٽ جو بادشاهن جي ڇٽ کان متي آهي. اُن وقت ششن ڏنو تہ سندس کونيءَ ۾ بہ عجيب جوت پيئي جاڳي. ۽ هن تي نالو وڌائون ”نوُرِي!“

”نوري“ معنيٰ ”اُهو جنهن ۾ نور نوراني چمڪي!“ هن درويش جا اُپديش بہ ٻڌي چيائون تہ ”عجب آهہ هنجي روحاني اونهائي“. هن جي سڪيا ۾ بہ چمڪيو پئي نوُر الاهي!

روز سويل اُٿي نوُرِي چوي تہ ”وڃان تو دڪان تي!“ بزار مان لنگهي. هڪ دڪان تان روٽيون خريد ڪري غريبن کي ڏئي. غريبن جو تعداد وڃي پيو وڌندو؛ پر درويش بيپرواه آهن، ڇوُ تہ صدقي آهن. سائين ڏيندو: سائين آهہ جيون جاڳرت! زنده آهي اَسان جو پريو! توهين جيئو تا، پر اوهان کان وڌيڪ پريو زنده آهہ. پريو ڏيندو! نوري وڃي روٽيون وٺندو ۽ ڏيندو! ڪنهن بہ غريب کي ڪين موٽائي. دڪان دير سان کولي تہ بہ ماڻهن جي پيهہ. ايماندار آهہ ۽ قرب وارو آهہ ۽ ماڻهو چون تہ ترسنداسين پر شيون هن کان وٺنداسين. پينرن کي ويچار تہ هن دڪان تان وٺنديوسين تہ درويش جي آسيس گهرن تي ايندي.

دڪان ديرسان ڇو تو کولي؟ پهرين غريبن کي کارائي. پوءِ لوڪن کان لڪائي وڃي پريوءَ جو ڌيان ڪري. ڌيان ۾ مگهن رهي ۽ گيت ڳائي. اِئين ڪيترا سال گذاري تو: پوءِ جڏهن رچِي لعل ٿئي تو. جڏهن ڪيس درشن ملي تو، تڏهن ماڻهن جي اڳيان گيت ڳائي تو. ست سنگہ کولي تو. نوريءَ جو ست

جي ملڪ ۾ مسلمانن جو راڄ هو. بغداد شهر ۾ نوريءَ جو ست سنگہ هو. اها ٽولي جا نوريءَ جي برخلاف آهہ، سا وڃي ٿي خليفي وٽ! اُن کي چون ٿا تہ ”سائين! اسان جي نگر ۾ انڌير پيو ٿئي!“ خليفو پڇي ٿو تہ ”ڪهڙو انڌير؟“ ماڻهو چون ٿا تہ ”اوهان نوريءَ جو نالو ٻڌو آهي: نوريءَ منڊلي ناهي آهي. نوريءَ جا ست سنگي وينا نام ڳائين. ڌرم جي وسترءِ مسلماني مذهب کي وينا ناس ڪن. جيڪڏهن نوريءَ کي ائين ڇڏي ڏيندا تہ سڄو نگر ناس ٿيندو. نوريءَ جا ست سنگي تہ مسجد ۾ بہ ڪين اچن، قاضيءَ اڳيان سر ڪين جهڪائين! سائين! اسين آيا آهيون چتاءُ ڪرڻ تہ رهو خبردار! هن منڊليءَ کي نابود ڪريو نہ تہ اسان جو نگر ناس ٿيندو!“

خليفو ٻڌي ٿو، ڪاوڙ ۾ ٻرجي وڃي ٿو ۽ حڪم ڪري ٿو تہ ”نوري درويش کي ۽ سندس ٻن مکيہ دوستن کي مون وٽ وٺي اچو تہ مان ڪين ڪلي طرح چوان تہ اوهان کي ڦاسيءَ جي سزا آهي!“

نوريءَ کي خلفي وٽ وٺي اَچن ٿا ۽ سندس ٻن مکيہ دوستن کي بہ وٺي اچن ٿا. هڪ جو نالو جنيد هو. جنيد تتو گياني هو؛ روحاني دنيا سان هن جو سنٻنڌ هو؛ مها رشي هو؛ روحن جو سنگہ هن ڪيو ٿي. اهڙي مها رشيءَ کي بہ پڪڙي اچن ٿا. خليفو حڪم ڪري ٿو تہ جنيد کي وڃي ڦاسيءَ تي چاڙهيو. نوري ٽڪڙو ئي ٽڪڙو جنيد جي جڳهہ تي وڃي بيهي ٿو! اُتي خليفي جو ماڻهو اڳيئي بيٺو آهي جنهن جي هٿ ۾ تکي تلوار آهي؛

مونجهہ، تڪرار، تن کان پري رهو!“ اَسان جا بہ ڪيترا پائر ڌرم جي اَيمان ۾ آهن. چي مان هندو آهيان، منهنجي ڌرم ۾ رشي ٿي ويا آهن. پيارا! توکي تہ رشين جو فخر آهي: پر رشين کي تنهنجو فخر آهي يا نہ؟ ڏس! تنهنجي جيون پوڄہ ۾ پيئي پتڪي. روز پنهنجو امتحان وٺ! جڏهن پاس ٿيندين تڏهن چئبو تہ توکي آتمڪ ڌرم مليو آهي. آتم کلي ٿو زندگيءَ ۾! زندگي کوليو! اِئين نہ تہ مان ٽڪاٽي يا مندر ۾ متو ٽيڪي اچان ۽ پوءِ اچي پاپ ۾ ڪِران. هڪ هڪ پاڻ کي چوي:- ”مان وڃان ٿو فلاڻي ٽڪاٽي يا مندر ۾! پر منهنجي جيون تي رنگ لڳي ٿو يا نہ!“ نوريءَ سيکاريو تہ آتمڪ ڌرم ۾ رهو!

نوريءَ کان سوال پڇيائون:- ”سائين اوهين پيا چئو تہ آتمڪ ڌرم اختيار ڪريون، ڪيئن ڪريون“ نوريءَ چيو تہ ”هڪ نيم اَٿو. سو هيءُ: دنيا جي دوستي ڇوڙو، پريوءَ سان پريت جوڙو!“

دنيا سان دوستي نہ رکو! دنيا ۾ آهہ دغابازي. اِنسان ۾ اُميد نہ اَڏيو. آتما ۾ جيون اَڏيو. جو دنيا ۾ رکي ٿو آس، سو اِڪ ڏينهن ٿئي ٿو نراس!

نوريءَ جو ست سنگہ وڃي پيو وڌندو، وڏيڪ وڏيڪ ماڻهن کي خبر پوي ٿي تہ ”اسان جي نگر ۾ نئين جوت جاڳي آهي.“ نوريءَ جي ستسنگہ ۾ ماڻهو وڏيڪ وڏيڪ اچڻ لڳا ٿا: پر ڪي سوارٿي رنج ٿين ٿا. سي هڪ زبردست ٽولي ناهين ٿا. چون ٿا تہ جي نوريءَ جو اثر وڌي ويو تہ اسان کي ڪير پڇندو؟ نوريءَ

پريوءَ لاءِ يادگيري اَسان کان وڌيڪ آهي ۽ نوريءَ جي رڳ رڳ ۾ آهي پيار!“

خليفو نوري ۽ سندس ٻن دوستن کي ڪوني چوي ٿو. ”نوري! اوهان درويش آهيو! مون کي معاف ڪريو! مون توهان کي هيتري تڪليف ڏني آهي؛ هاڻي مون کي اُپديش ڏيو.“

اُن زماني ۾ بيشڪ ڪيترا خراب هئا پر هڪ گڻ هو. لوڪن کي خدا جو خوف هو. هن زماني ۾ ڪئن نہ پاپن ۾ پيا ڪرون! پريوءَ کي نٿا مڃيون. گهڻن جي جيون ۾ صدق آهي؟ ناستڪپڻو اِنهيءَ ۾ ڪونهي تہ چپن سان چئجي تہ پريو ڪونهي. اسين جيون سان پريوءَ جي ساکي ڏيون ٿا؟ نوري خليفي کي اُپديش ڏئي ٿو:- ”سائين! مان فقير، اوهان جو حڪم مڃان ٿو: شل دنيا کان پري رهون! شل پيار ۾ رتل رهون! اسان جو آدرش هي آهي تہ اسين دنيا جي نندا ۽ اُستتيءَ کان پري رهون! وڌيڪ چوڻو ڪين اٿم.“ درويشن جي اکرن ۾ عجيب طاقت آهي: تن مان اچي ٿي آسيس ڌارا. جو ٻڌي، سو ڪجهہ وقت چڪجي اَچي ٿو ستگر جي چرنن ۾! خليفو جنيد درويش جي چرنن ۾ سر جهڪائي ٿو ۽ چوي ٿو: ”اَءِ درويش! ڏي مون کي معافي.“

خليفو نوري ۽ سندس ساٿين کي ڇڏي ڏئي ٿو ۽ نوري وڃي ٿو ست سنگ هلائي، ست سنگ وڌي وڃيس ٿو. اِئين ڪيترا ڏينهن گذري وڃن ٿا.

هڪ ڏينهن هڪ جوان کي ڏسي ٿو. نوجوان کي آزمودو ڪونهي، اِنڪري اُن ۾ ٿئي ٿو اَيمان. جڏهن عمر وڌي ٿي،

سو چويس ٿو: ”اَڙي! تون هِتي ڇو آيو آهين؟ تنهنجي ڦاسيءَ جو حڪم اَڃا نہ نڪتو آهي. تون هِت ڇو آيو آهين؟“

نوُرِي:- مان چاهيان ٿو تہ جنيد جي جڳهہ ۾ مان ڦاسيءَ تي چڙهان.

ماڻهو:- ڦاسي ڪا مٺائي آهي ڇا جو تون تڪڙو آيو آهين جنيد جي جڳهہ تي؟

نوري:- مان جنيد جو گر ڀائي آهيان، تنهنڪري اُن جي شيوا ڪرڻ ٿو چاهيان. گرڀائيءَ کي پرم پياري شيءِ ڏيڻي آهي. منهنجي زندگي پرم پياري آهہ؛ تنهنڪري پنهنجي زندگي گرڀائيءَ جي چرنن ۾ رکان ٿو.

نوريءَ ڪهڙو نہ سندر مثال اسان اڳيان رکيو آهہ! گُرڀاين جي شيوا ڪريو! ڪنهن کي تڪليف ۾ ڏسو تہ اُن جي شيوا ڪريو!

خليفو ڏسي ٿو، عجب ۾ پوي ٿو ۽ چوي ٿو تہ ”ايڏو پيار آهي هنن کي گرڀاين لئہ!“ جنهن ماڻهوءَ جي هٿن ۾ تلوار آهي، اُن کي چوي ٿو تہ ”ترس! تہ مان قاضيءَ کان پڇان تہ سندس راءِ ڪهڙي آهہ.“ قاضي اچي ٿو، خليفو چوي ٿو: ”اَءِ قاضي! مون تہ ڏٺو تہ هننجو پيار گرڀاين لاءِ عجيب آهہ! نوري کان تون سندس پنٿ بابت حال احوال پڇ ۽ پوءِ مون کي ٻڌاءِ تہ هن کي ڦاسي ڏيان يا نہ! منهنجي تہ اڇا نٿي ٿئي.“

نوريءَ سان گفتگو ڪري: پوءِ قاضي خليفي کي ملي ٿو ۽ چوي ٿو: ”سائين! مان تہ ڏسان ٿو تہ هن پنٿ جي ماڻهن کي

نوري:- سائين! اِنسان ڪنهن جو آهي؟

خليفو:- اِنسان آهي خدا جو بندو.

نوري:- بيشڪ! پوءِ جيڪي انسان آهي، سو تہ سچ پچ آهي خدا جو. ڏاڙهي، مڇون، اِندريون، عضوا، سمورو سرير تہ آهي اِڪ سائينءَ جو. هن نوجوان ايمان ۾ پئي ڏاڙهي پٽي ۽ مڇون مروٽيون ۽ سندس دل اندر هئا ويچار وير وروڌ جا.

خليفو:- مون سمجهو! نوُري مون کي معاف ڪر تون آزاد آهين! وڃي ست سنگہ هلاءِ ۽ گهڻن کي ڇڪ خدا جي راھہ ۾!

نوري موٽي وڃي ٿو.

بيشڪ! سمورو سرير ايشور جو آهي. هي اکيون منهنجون ڪين آهن: هي اکيون تہ آهن سائين جون: تنهنڪري شل نيڻ نرمل رهن! هٿن ۾ لوپ نہ اچي: شل ڪنن سان ٻڌان سنتن جي ٻاڻي! شل پير پنڌ ڪن پريوءَ جي خذمت ۾! شل زبان سان گوبند جا گيت ڳايان! شل سرير سائينءَ جي ئي شيوا ۾ خرچ ٿئي!

نوُريءَ جي کھڙي نہ سندر سکيا! سرير اوهان جو ڪونهي. هٿ اوهان جا ڪونهن. متان ڪنهن کي ايذائُ رسايو؟ ڪن ڪنهن جا؟ متان ڪنن سان ڪنهن جي نندا ٻڌو! زبان بہ پريوءَ جي: متان هن زبان سان ڪوڙ ڳالهايو! متان ڪاوڙ ڪريو! سنتن جي مهما ڪريو. هي اکيون بہ پريوءَ جون: تنهنڪري متان اکين م وڪار آڻيو! نيڻ کولي ڏسو: نرمل نظر سان نهاريو!

هڪ ڏينهن ست سنگہ لڳو آهي، وينو اُپديش ڏئي! نوري ڇا

تڏهن اِنسان کي پرواز پوي ٿي تہ مان ڪهڙي چيز آهيان؟ اِڪ بي پرم شڪتي آهي. پر جوانيءَ ۾ مغروري ٿئي ٿي. هي درويش ڇا ٿو ڏسي؟ ڏسي ٿو تہ هي جوان مغروريءَ ۾ پرجي مڇون ۽ ڏاڙهي پيو مروٽي! ڇي ”فلاڻي منهنجي ڳالهہ نہ مڃي! مان ڪا ٿوري شيءَ آهيان ڇا؟ جنهن منهنجي برخلاف ڳالهايو آهي تنهن سان مان پاڻيهي ٿو پڇان!“ نوريءَ کي هن نوجوان جي پرواز پوي ٿي. درويش چوي ٿو:- ”اَءِ نوجوان! مڇون وينو مروٽين ڏاڙهي کي وينو پٽين. اِهي تہ خدا جون آهن!“ ’نوجوان کي ڪاوڙ اچي ٿي ۽ چوي ٿو:- ”هي ملڪ آهي مسلمانن جو؛ تون ڪفر پيو ٻولين! ٻاهرينءَ طرح تون ست سنگہ پيو هلائين؛ سچ پچ تہ تون ڌرم پيو بگاڙين. مان وڃي ٿو قاضي وٽ دانهن ڏيان!“

نوجوان وڃي ٿو قاضيءَ وٽ، چويس ٿو تہ: ”نوري تہ وڃي ٿو ڌرم کي ناس ڪندو! اوهين اکيون پٽيو!“

نوري خليفي جي اڳيان وري اچي بيهي ٿو. خليفو چويس ٿو:-

خليفو: نوريِ! هي وري ڇا؟ وري تنهنجي برخلاف دانهن آئي آهي.

نوري:- سائين! ڪهڙي دانهن؟ ڪنهن جي دانهن؟

خليفو:- اَءِ درويش! هڪ نوجوان مون وٽ دانهن کڻي آيو آهي تہ تو هن کي چيو تہ ”خدا جي ڏاڙهي ڇو پيو پٽين؟ خدا جون مڇون ڇو پيو مروٽين؟“

ڏنڏو، وهنوار پل ڪريو، پر بڪواد ۾ نہ گهرو! ممتا همتا کي ڇڏيو! فنا ٿيو!

ڪي ڏينهن گذري وڃن ٿا. نوري نهيئي ڪين. ست سنگي اَچي ڪنا ٿيا آهن: وقت سڄو گذري ويو! آيو ڪين! نوريءَ جي گهر وڃن ٿا. اُت بہ آهي ڪونہ! پڇن ٿا تہ ڪاڏي ويو؟ ٻئي ڏينهن ء وري ٽئين ڏينهن پڇن ٿا:- ”ڪاڏي ويو؟“ ست سنگي ماندا ٿين ٿا؛ چون ٿا تہ پنهنجي پياري جو درشن اسان کي ڪونہ مليو! نراس ٿي موٽن ٿا: نوري ڪٿي؟ ست سنگي چون ٿا:- ”اَڄ اسين ڪائينداسون ڪونہ! جيسين اسين پياري کي ڳولينداسين نہ، تيسين نہ ڪائينداسين.“

هينئر نڪرن ٿا، ننديون ننڍيون ٽوليون ٺاهي نڪرن ٿا. هڪ ٽولي ڪنهن پاسي تہ ٻي ٽولي ٻئي پاسي! درويش هڪ هنڌ، هڪ ڪُنڊ ۾ وينو آهي! هڪ ٽولي ڪيس ڏسي ٿي، ٻوڙي وڃي ٻين کي ڇتائين ٿا. نوري لڌو! ٻالڪ آهي! اسان جو فرض آهي تہ اسان جو گرو، اسان جو ٻالڪ، تنهنجي سنڀال ڪريون! هاڻ ست سنگي اچي پهتا آهن جت نوري آهہ: ڌيان ۾ آهہ: سندس زبان مان اِڪ اکر پيو نڪري ”سائين!“. هڪ ماڻهو اچي ٿو لنگهي، سو چوي ٿو:- ”منجهيا ڇو آهيو؟ ٽي ڏينهن سانده هي فقير هِتاوينو آهي، اکيون بند ڪري پر ٽيئي ڏينهن اهو اکر پئي چيو اٿس:- ”سائين!“ ستسنگي درويش جي چرنن ۾ ويهي پڪارين ٿا:- ”پيارا! اکيون کوليو! آسيس ڏيو!“ ٿوري وقت کان پوءِ اکيون کولي آسيس ڪري ٿو.

ٿو چوي؟ ”تيھہ سال سانده مون جنگہ جوتي ھڻ جسم جي اندر! جنھن وقت مون پاڻ کي وساريو، اُن وقت منھنجي اندر پريوءَ جي جوت جاڳي، پر جنھن وقت ياد ٿي ڪيم پاڻ کي تہ ستگر جي جوت غائب ٿي ٿي ويئي! ھڪ ڏينھن مان وياڪل ھوس. منھنجي اکين ۾ پاڻي آيو! ڏاڍي پياس منھنجي اندر آئي ۽ مون پڇيو:- ”سائين! تنھنجي جوت ڪٿي؟ ڪڏھن نيري تہ ڪڏھن دوُر! تنھن کان تہ بھتر تہ اصل نہ ڏسان ھا! اٿين مان دکي ٿيان ٿو؛ پريو! مون کي نئون بناءِ! منھنجو آسرو تو ۾ آھہ! قصورن جي مون کي سزا ڏي، پر دور نہ ٿي! مون کان سَنو نٿو ٿئي.“ اُنھيءَ وقت اندر ۾ آواز آيم؛ پريوءَ مون کي چيو:- ”نوري! تون منھنجو پيارو آھين، ڏس تون! يا تون رھہ يا مان رھان! ٻئي ھڪ ھنڌ رھي نہ سگھندا سين.“ مون چيو:- ”سائين! تون رھہ! مان ڇو رھان؟ مون کي ٻڌاءِ تہ مان نہ رھان تنھنجو مطلب ڇا آھي؟“ پريوءَ چيو تہ ”تون فنا ٿي، پوءِ ڏس تہ ڪيئن مان روز اچي ٿو تنھنجي اندر چمڪان!“ نوري اُپديش ۾ چيو:- ”پيارا! اوھين منھنجا پيارا آھيو! پاڻ کي فنا ڪريو!“

اسان سين لئہ اِھا سکيا آھي. پاڻ کي فنا ڪريو: صبر ۾ سڀ سھي وڃو! ڪو گھٽ وڌ ڳالھائي، متان پاڻ کي جوش ۾ اُٿاريو! ڪو اوھان سان پوري ھلت نہ ھلي تہ اوھين ويچار نہ ڪريو تہ ”مون کي تہ ماڻُ ڏنائون ڪونہ!“ ايمان ڇڏيو! رام ۾ رتل رھو! بکوادي نہ ٿيو، ضروري ڳالھايو؛ گھڻو وقت رھو اندر ۾! رنگہ ۾ رتل رھو! ڪم ڪار ڪريو! پڙھو! پاڙھيو! نوڪري،

چوي ٿو:- ”آهي ڪو مددگار؟ هي ٻئي جوان مون کي پيارا آهن! آهي ڪو جو تن کي بچائي؟ هڪ هڪ نوجوان لئہ مان هڪ هزار سونيون مهرون معنيٰ ۷۰ هزار رپيا ڏيندس. ٻہ هزار اشرفيون معنيٰ اٽڪل ڏيڍ لک رپيا. ڪير اچي مشڪلات ۾؟ ڪيترائي جاننا مڙس آهن، پر هڪ هڪ پيو پاڻ کي چوي تہ:- ”مان ڪيئن وڃان؟ باهہ ۾ مٿان مان بہ جلي وڃان!“ اُن وقت نوري درويش مستيءَ ۾ اچي لنگهي ٿو. وقت بہ وقت مستيءَ ۾ چڙهي گهمندو هو، ڪڏهن هن بزار ۾، ڪڏهن هُن کهٽيءَ ۾! مستيءَ ۾ چڙهي پيو گيت ڳائيندو هو! هينئر هِت مست فقير آيو آهہ! باهہ پيئي ٻري: مست فقير آيو آهہ.

مست فقير:- سيٺ! تنهنجي اکين ۾ پاڻي آهہ: سبب ڇا؟

شاهوڪار:- منهنجا ٻہ پيارا هن دڪان ۾ آهن! آهي ڪو جان بچائي؟ هڪ هڪ لئہ مان هڪ هزار اشرفيون ڏيندس!

نوري ”الله! الله! ڇئي باهہ اندر وڃي ٿوءِ ٻنهي نوجوانن کي ٻاهر ڪڍي ٿو!

شاهوڪار:- پيارا تو مون تي احسان ڪيو آهي. مون بہ هزار اشرفيون ٻاسيون هيون: هاڻ تنهنجي قدمن ۾ رکان ٿو!

نوري:- اِهي اشرفيون مان ڇا ڪريان؟ ڪٿي وڃ! دنيا مون ڇڏي خدا جي واسطي، سائينءَ بچايو: سائينءَ کي ياد ڪر! اُن کي ياد ڪري چئہ ”شڪرانا! شڪرانا!“ اِهي اکر چئي هي درويش غائب ٿي وڃي ٿو!

اسين بہ آهيون باهہ ۾! اُن باهہ مان اسان کي ڪير بچائي؟

هيءَ ڪيڏي نہ منزل آهي: بيهوشيءَ ۾ وڃڻ ۽ فقط هي اکر اُچارڻ ”سائين!“ اوهين ڪڏهن سپنن ۾ پريوءَ کي ياد ڪريو؟ سپنن ۾ وڃو! ننڊ ۾ پڪاريو:- ”سائين!“ نوريءَ جي بيهوشي سپنن جي نہ هئي. نوري تہ سماڌيءَ ۾ ويو: نوري ٿي ڏينهن سماڌي جي حالت ۾ بہ دم دم پئي پڪاريو:- سائين!“ شل اهڙو سمرن اسان جي اندر ۾ اچي! اهڙي يادگيري اسان کي نصيب ٿئي! شل سنتن جي آسيس ، نوُري درويش جي آسيس، اسان سڀن کي ملي!

هي درويش ڪجھہ وقت بغداد ۾ رهيو! اڄ ڪالھہ بہ ڪيترن لئہ واپار جو مرڪز آهہ. بغداد هڪ مشهور شهر ليکجڻ ۾ اچي ٿو. بغداد ۾ نوُري مهر جو مينهن وسائي ٿو: ڪيترن کي رحم جو پاٺي پياري ٿو. هڪ ڏينهن بغداد ۾ باهہ لڳي ٿي. باهہ ۾ دڪان وڃن پيا سڙندا! هڪ دڪان وڃي بچيو آهي. پر تورن منٽن ۾ اُن دڪان کي بہ باهہ لڳي ٿي. اُهو هڪ سيٺ جو دڪان آهي! سيٺ بہ ماڻهو رکيا آهن. اُهي ٻئي روم جا ماڻهو آهن. هن سيٺ جي دل وڏي آهہ: سچو سيٺ ڪير؟ جو پنهنجن ماڻهن سان همدردي ڪري، تن جو دکہ سکہ پنهنجو ڪري ليکي! سيٺ تہ بچيو آهي، پر سندس بہ ماڻهو اجا اندر دڪان تي آهن: ايمانداريءَ سان ڪم ڪيو اَٿن: هي سيٺ سخي آهي. ڪيترا سيٺيا ڌن ۽ دولت ۾ شاهوڪار، پر دل ۾ تنگہ! هي سيٺ روز دان پڄ ۾ ڪيترو ئي ڏي. جڏهن خبر پويس ٿي تہ دڪان تي بہ نوجوان آهن ۽ باهہ ٻري پيئي، تڏهن ڏاڍو منتظر ٿئي ٿو ۽

کي سمجھايان، ۽ آسيس پايان!''

پائر:- سائين! اوھان کان سواءِ نگر آھہ وئران. موتي اچو تہ اسان تي آسيس اچي. جي درويش نگر مان موٽي وڃي تہ اُتان آسيس بہ موٽي وڃي.'' لوڪ نوُري کي مڃائين ٿا. وري بغداد ۾ نوري موٽي اچي ٿو. ڪيترائي پائر پينر درشن واسطي اچن ٿا.

شل هڪ سبق ياد رکون تہ:- ''اِنسان جي تڪليف آھہ ترشنا! پنهنجن ست سنگين کي گوتم چوندو ھو تہ ترشنائون ڪپيو!'' گوتم کان پڇيائون تہ:- ''سائين! دکہ جو ڪارڻ ڪھڙو؟'' سنت گوتم چيو تہ ''دکہ جو ڪارڻ آھن ترشنائون: سي ڪپيو!'' ترشنائون ڪپيون تنهن لئہ ھي سبق سکون تہ گھرجون گھٽايون! سادگيءَ ۾ رھي، گھرجون گھٽائي، پريتم کي ياد ڪري، شل آسيس پايون، مانکہ جنم سڦل ڪريون!

هڪ ڏينهن درويش پنهنجي ڪوٺيءَ کان ٻاهر نڪري ٿو. رستي تي ڏسي ٿو تہ ھڪ ويچارو غريب آھي ۽ ٻڍو آھي. اُن ٻڍي غريب کي ڪن اَچي پڪڙيو آھي ۽ ھڪ ماڻھو اُن ٻڍي جي بدن تي وينو لنيون ھڻي. نوري وينو نهاري! ھن غريب جي اکين ۾ ھڪ ڳوڙھو بہ ڪين آھي ۽ نڪي ٻڍو غريب ڪجھہ بہ ڪُڇي ٿو؛ سانت ۾ پيو سھي، نڪي ڪاوڙ ڪروڌ جو اکر ٿو ڳالھائي! جيڪو ماڻھو ھن ٻڍي کي پيو ماري، سو ڪير ھو؟ سرڪار جو ھڪ سپاھي! نوري اڳتي وڃي ھن ٻڍي کان پڇي ٿو تہ ''تو ڪھڙو ڏوھہ ڪيو جو توکي ھيڏي مار سپاھيءَ ڏني؟

ڪو سائينءَ جو فقير، ڪو ڪامل مرشد، اچي شل اسان کي بچائي! بچائي شل سيڪاري هي منتر: ”سائين! شڪرانا! شڪرانا!“

بغداد ۾ خبر پوي ٿي ته بغداد شهر جي نزديڪ بن ۾ هڪ فقير آيو آهي. انهيءَ فقير جي درشن واسطي ڪيترائي وڃن ٿا: درشن ڪرڻ آهه آسيس پائڻ! ٻوڙي وڃن ٿا ته وڃي درشن ڪريون: شايد ڪي اکر ٻه ٻڌون ته اسان تي آسيس اچي. ٻوڙن ٿا: هينئر سڃاڻن ٿا ته ڪير آهي؟ هڪ پيڻ ٻئي کي چوي ٿي: - ”ڏسڻ ۾ ته نوُري اچي ٿو!“ پائر ٻه چتائي نهارن ٿا ۽ پوءِ سر جهڪائي سوال پڇن ٿا: ”سائين! هِت ڪيئن آيا ۽ ڇو آيا؟ بغداد شهر ۾ ست سنگه پئي هلايو، آسيس ڏنو! هت ڇو آيا؟“

درويش ڪالهه فقط هت آيو آهيان! رات ٻيلي ۾ گذاريم!

شش: - سائين! هن ٻيلي ۾ شوخ جانور، اوهان ڪيئن رات ڪاٽي؟ ڪهڙي تڪليف اوهان کي ٿي جو هت هليا آيا؟

درويش: - بغداد شهر ۾ مان هوس، ڇا ٿيو؟ هڪ ڏينهن مان ويس پنڌ ڪرڻ؛ هڪ وڻ ڏٺم کجور جو، کجور ڏي نهاريم! کجور مٺي! منهنجي دل سرڪي ويئي! مون چيو: - ”مان کجور کان“. موٽي آيس گهر ته اهو ويچار کجور جو وري وري من ۾ آيو. جڏهين رات آئي ته مون من کي موچرا هنيان: - ”اي من! اڃا توکي ترشنا آهه کجور لئه! هيترا سال تو درويشي ڪمائي آهي، اڃا توکي ترشنا آهي کجور واسطي!“ اُن وقت مون ويچار ڪيو ته: - ”وري مان وڃان جهنگل ۾ ۽ اُت وڃي پنهنجي من

ائين چئي نوري مستيءَ ۾ چڙهي وڃي ٿو: بيهوش ٿي وڃي ٿو! ٿوري وقت کان پوءِ بيهوشيءَ مان اُٿي ٿو ۽ سندس چپن ۾ هي اکر آهن ”سائين! منهنجا سائين!“ تپوبن ۾ اچي ٿو! اُت بہ پيو گهمي. بيهوشيءَ ۾ پيو ڪِري. سندس بدن کي پيا لڳن ڪنڊا؛ سندس پيرن کي پٿر! پياري جي پيرن مان رت پيو وهي! جيئن رت پيو وهي، تيئن رت سان بہ پيو لکي هي اکر ”سائين! منهنجا سائين!“ اُن جهنگل مان هڪ ماڻهو اچي ٿو لنگهي؛ هن درويش کي ڏسي ٿو ۽ ڏسي چوي ٿو ”هي تہ آهي درويش سچو!“ بين کي ڪوٺي اچي ٿو! درويش کي بيهوشيءَ جي حالت ۾ کڻن ٿا ۽ سندس مڪان تي وٺي اچن ٿا. ڪجهہ وقت کان پوءِ اکيون کولي ٿو، پر تہ بہ پيو پڪاري ”سائين! منهنجا سائين!“

هڪ ست سنگي ياءُ جو حاضر آهي سو درويش جي چرنن ۾ سر جهڪائي چوي ٿو:- ”اوهين پيا پڪاريو: سائين! منهنجا سائين! سو سائين ڪٿي!“ هي درويش چوي ٿو ”اُن سائين وٽ مان هينئر وڃان ٿو!“ سين کان آسيس وٺي ٿو ۽ چرنن ۾ سر جهڪائي پنهنجي پريتم وٽ وڃي ٿو! ويچار اٿم تہ هن جي ٻاڻيءَ مان ڪي ٽڪرا اوهان اڳيان رکان. هڪ ٽڪرو هي آهي:-

جو ماري من ملين،
دنيا ۾ رهي ٿو ڏين!
ترشنا سين بي مکہ رهي،
ستگر سنمکہ روز وهي،
سوئي پڳت پريوءَ جو پيارو!

ٻڌو چوي ٿو تہ ”سائين! منهنجو ڪهڙو ڏوهہ؟ مون کي خبر ڪانهي! شايد سپاهيءَ ڇيو پري ٿيو، مون سمجهو ڪين. اوچتو سپاهيءَ مون کي اچي گردن کان ورتو ۽ مون کي مار ڏنائين! پر سائين مون کي ڏوهہ جي پروڙ ڪانهي!“ نوريءَ کي دڪ تئي ٿو. نوري ٻڍي کي چوي ٿو تہ تنهنجو سرير هڙو ڪمزور! تو هيتريون لنيون ڪيئن سنيون؟“ تڏهن هي ٻڍو چوي ٿو:- ”سائين! سرير نٿو سهي پر ڌيرج سهي ٿو.“ بيشڪ سرير کي ڪافي طاقت ڪانهي: پر هڪ ٻي طاقت آهہ: صبر، ڌيرج! ٻڍو چوي ٿو تہ ”سائين! بيشڪ منهنجو سرير ڪمزور آهہ پر مون کي ڌيرج آهي، ڌيرج سنو!“. اُن شام جو جڏهن نوري درويش گهر موٽي آيو ۽ ستسنگين کي اها ڳالهہ ٻڌايائين تڏهن نوريءَ چيو تہ ”اوهين اندر جي شڪتي کوليو! اندر جي طاقت، روحاني طاقت کوليو تہ توهين سهي سگهندا.“ دنيا جي ميدان ۾ تڪليفون اچن ٿيون: اُنهن سختين کي منهن ڏيڻ واسطي کپي روحاني طاقت: صبر کپي. ڌيرج کپي. اندر جي شڪتي کوليو! پنهنجن ست سنگين کي نوُريءَ چيو تہ ”آتمڪ ٻل کوليو تہ سهي سگهو!“

هڪ ڏينهن نوري بازار مان لنگهي ٿو. ڏسي ٿو تہ هڪ سورداس آهي، پيو چوي ”خدا! اَءِ خدا! پريو! اَءِ پريو!“ وري وري هي اکر پيو چوي. نوري هن ماڻهوءَ جي نزديڪ اچي ٿو چويس ٿو تہ تون وري وري پيو پڪارين خدا! خدا! تون پريوءَ کي سڃاڻين؟ جي تون سڃاڻين تہ پوءِ تون جيئين ڪيئن ٿو؟“

(٢)

جو دور ڪري، يوَ يولا پرانتي،
پائي چرن ڪمل نڄ سکہ شانتي؛
نہ ڪنهن بہ شيءِ جو مالڪ نہ غلام،
جو روز پڇي ٿو اِڪ هري نام،
سوئي ڀڳت پربوءِ جو پيارو!

(٣)

جنهن کي ناهي ڪوبہ سوارٿ
کين ڪي چاهي دنيا پدارٿ
ڪنهن شيءِ جو بنڌن کين رکي،
نہ ڪنهن بہ بنڌن پاڻ بَڌي،
سوئي ڀڳت پربوءِ جو پيارو!

(۴)

نہ وديا جو جنهن کي ايمان
نکي لباسي ڌرم، نہ مانُ،
جنهنجو ڌرم آهہ جيون نرمل،
جئن پاڻيءِ ۾ آهہ گل ڪنول،
سوئي ڀڳت پربوءِ جو پيارو!

(۵)

جو اِندريون جيتي ٿئي وير
وڇ وهنوار جو آهي ڌير
عيش ڪان جوئي الڳہ رهي،

نوري درويش جي سکيا آهي تہ ”من کي ماريو!“ هي درويش نٿو چوي تہ من کي سڌاريو، پر ماريو! من کي ماريو! من جي ملينتا آهي اَيمان! ايماني من کي ماريو! هيِ درويش نٿو چوي تہ دنيا ڇڏي وڃو: پر دنيا ۾ رهي دين ٿيو! ڪم ڪار ۾ نٽڙت وڃهو! مان شان ملي تہ مغرور نہ ٿيو! ڪو اوهان جي برِخلاف ڳالهائي تہ تڪرار نہ ڪريو! جهيڙن جهٽن کان پري رهو! سوئي پري رهي ٿو جو دين ٿئي ٿو!

دينتا ڪئن اچي؟ ترشنائن کان پري رهو! ڏسو ڪو منهنجي برخلاف ڳالهائي تہ مان اُن کي جواب تو ڏيان! چو؟ منهنجي اندر ترشنا آهہ! پر جي ترشنائن کان پري رهان تہ دينتا سکان! ترشنا نہ رکو! پيسو پدارٿ جي سائين ڏئي تہ بيشڪ ڏئي! نہ ڏئي تہ بيشڪ نہ ڏئي! ستگر جي سنمکہ وهو تہ پوءِ ترشنائون کپجي ويندي. دکہ ۾ ۽ سکہ ۾ ستگر جي روبرو رهو! جو ائين ڪري ٿو سوئي ”پڳت پريوءَ جو پيارو!“

نوريءَ جي سکيا مون هيٺين اکرن ۾ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهہ:-

(١)

جو ماري من ملين
جو دنيا ۾ رهي دِين،
ترشنا سين بي مکہ رهي
ستگر سنمکہ روز وهي.
سوئي پڳت پريوءَ جو پيارو!

آهه ء ڪنهن به شيءَ جو او نه مالڪ نه غلام؛ ان کي عهدو مليو، ساڪه ملي ته چوي ته:- ”مان مالڪ ڪين آهيان، عهدو مليو اٿم شيوا لئه! هيءُ پئسو پدارٿ مون وٽ امانت آهه!“ اهڙو دنيا جي خوشامد ڪين ڪندو. اُن کي سچو سوراج مليو آهي، آتم درشن مليو آهه! سو سڀاڳو هري نام روز ڳائي؛ ڌن دولت جي وچ ۾ هو سمجهي ٿو ته سچو سکه آهي هري نام. نوري درويش چوي ٿو:- سوئي ڀڳت پريوءَ جو پيارو!“

جنهن کي ناهي ڪوئي سوارٿ!
ڪين چاهي دنيا پدارٿ!
رستي هلي اوُ سدا سڌي،
نه ڪنهن به بنڌن پاڻ ٻڌي!
سوئي ڀڳت پريوءَ جو پيارو!

هن گيت ۾ نوري کهڙي نه سندر سکيا ڏئي ٿو! ڪيترا دفعا اسين پاڻ کي پنيلايون! اسان کي من پيو پنيلائي! هڪ هڪ پيو چوي: ”مون ۾ ڀڳتي آئي آهي! مون گيت ٻڌو ڪيئن نه وٽيو! ڪيئن نه منهنجي دل چڪجي ويئي!“ اهو من ٺڳه پيو اسان کي پنيلائي! جڏهن اهو ويچار اچي تڏهن کپي ته پاڻ کان سوال پڇان! ”مون کي ڪو سوارٿ آهي؟ ڪا پيسي جي لالچ آهي؟ ڪو مان شان جو ويچار آهي؟“ سچي ڀڳت کي ڪوئي سوارٿ ڪونهي! ڪابه خودمطلبي ڪانهي! ڪنهن به وقت من لالچائي ته پاڻ کان هي سوال پڇو ته ”منهنجي اندر سوارٿ آهي يا نه؟“ سچو ڀڳت دنيا جو پدارٿ نٿو چاهي!

پريم ۾ جيون مکت ٿئي؛
سوئي ڀڳت پريوءَ جو پيارو!
(٦)
پشوُن ڌرم ڪان جو رهي پري،
ڇڏي غلامي اِڪ ڏيان ڌري،
دوستي دنيا جي جوئي ڇوري
اِڪ سائين سين ئي عشق جو جوڙي
سوئي ڀڳت پريوءَ جو پيارو!

اسان کي دنيا جو ڀؤ آهي. آفيس ۾ پاڻُ وڃي ته ڪيس ڊپ ته ”منهنجو آفيسر اڄ الاجي ڇا ڪري؟“ گهرن ۾ ڊپ، پنگت ۾ ڊپ! انسان انڪري سکي نٿو رهي. اسان جو ڊپ ڪيئن دور ٿئي؟ ڇا ڪجي؟ جيون ايشور ارپن ڪريون. ڀل دنيا کي ٻه چوي؛ جيڪي ڪيس چوڻو هجي! جو پنهنجي جيون پريوءَ کي ڏئي؛ تنهنکي پريوءَ جو ئي ڊپ آهه؛ سوئي سچو سک پائي، سچو سک آهه نج سک؛ دنيوي سک ته نج سک ڪونهي: اڄ ڪا شي ڪائو، ڇئو سني! ٻئي ڏينهن اچي روڳ ٿئي. دنيا جي شي ۾ نج سک ڪونهي: جو پريوءَ جي چرنن ۾ پاڻ ارپن ڪري تو تنهن کي ئي سچو سک، نج سک آهي. ڏسو ڪيترا نه ٿيا آهن جن کي دنيا جو مان شان مليو: چوٽيءَ تائين وياءِ وري ڪيئن نه ڪِري پيا؛ سچو سک آهي نج سک: جنهن مان دک نه اچي ڪين. نج سک جي نشاني آهه چت شانتي! اهڙي جي گلا ڪريو، اُنتي ڪشت اُڇلايو پر اُن کي پرواه ڪانهي؛ اُن کي سچو سک مليو

عيش کان الڳ رهي ٿو! سچو ڀڳت ڪي ڪيترو به پيسو هجي ته به عيش کان پري آهي. راجا جنڪ هو خزانن جو مالڪ ته به رهيو ٿي سادگيءَ ۾؛ سچو ڀڳت سڌي رستي؛ پريم جي رستي ۾ هلي ٿو.

هڪ سندر گيت نوري چوي ٿو ته ”پشون ڏرم کان پري رهو! آتم اڏيو.“ اسان مان ڪيترا ته آهن حيوان! ڏسو ڪيترو وقت نه ننڊ ۾ گذاريون ٿا! اسين پشون ڏرم ۾ آهيون. ڀڳت آهي سچو انسان ! روپ اِنسان جو آهي پر جيون حيوان جي! اسين پشون ڏرم ۾ آهيون، تنهنڪري پيسي پدارٿ جا غلام آهيون. سچو ڀڳت غلامي ڇڏي ٿو. دنيا جي شيوا ڪريو! پر دنيا جي دوستي ڇڏيو! متان ڪنهن به اِنسان سان موه رکو! سچو درويش سو دنيا سان دوستي ڇڏي اِڪ سائينءَ سان عشق ٿو جوڙي؛ اندر ۾ آتم ٿو اڏي!

هڪ ڏينهن نوريءَ وٽ هڪ نوجوان اچي ٿو. خوبصورت آهي. پر ڪپڙا ميرا، سندس پير ننگا، پري پنڌ کان آيو آهه. نوري چويس ٿو ته:- ”پيارا! تون اسغان مان آيو آهين ڇا؟“ جوان کي عجب ٿو لڳي ته ”هن درويش کي خبر ڪيئن پيئي ته مان اسغان مان آيو آهيان!“ پوءِ نوري نوجوان کي چوي ٿو:- ”تنهنجا ڪپڙا ميرا آهن. اسغان جي راجا ته توکي ڪيترائي ويس وڳا ٿي ڏنا ۽ توکي محلات به ٿي نهرائي ڏنائين ۽ پنهنجي ڌيءُ به ٿي شاديءَ ۾ ڏنائين؛ توکي نائي ڪرڻ ٿي چاهيائين، پوءِ هتي تون ڇو آيو آهين؟ محلات ڇڏي، راجائي ڇڏي، فقير

جيڪڏهن پدارٿ اٿس تہ آهي ٻين لئہ! پدارٿ امانت آهي! ڪنهن بہ پدارٿ لئہ سچي ڀڳت کي تمنا ڪانهي. سچي ڀڳت کي ڪوئي ٻنڌن ڪونهي. اسين ٻنڌن ۾ ڦا رهون، اڪثر هڪ هڪ کي ڪنهن نہ ڪنهن لاءِ موه آهہ؛ پٽ لئہ موه، استريءَ لئہ موهہ، پر سچو ڀڳت اُهو جنهن ٻنڌن ڪٽيو آهہ. جيڪو ٻنڌن ۾ رهي ٿو سو سچي ڀڳتيءَ ۾ ڪين وهي؛ سچو ڀڳت پاڻ کي غلام نٿو ڪري.

وڏيڪ نوري ڇا ٿو چوي؟ شايد ڪنهن کي پئسي جي اِڇا ناهہ! رهي ٿو غريب، پر اندر ۾ اٿس ايمان نہ مان هيترو ڇاڻان. پر سچو ڀڳت سو جو رهي نماڻو. ڪيترا آهن جو نام جپين ۽ جپائين، پر ڪين ايمان آهہ تہ هيترا اچن ٿا اسان کي ٻڌڻ! ڪيترا لباسي، مهنت، چاهين ٿا تہ لوڪ اچي متا ٽيڪ ڪن تہ اسان جو مان شان ٿئي؛ اُنهن کي آهي ايمان!

سچو ڀڳت نٿو چاهي تہ مون وٽ گهڻا اچن يا دنيا جو مان ملي! سچي ڀڳت جي پياس آهي تہ منهنجي جيون نرمل رهي، وڪارن ڪان پري، ستگر جي ڪمل چرنن ۾ وهي. سچو ڀڳت دنيا ۾ رهي ٿو. پنهنجو دڪان اٿس پر نرمل ٿي ڪم ڪري ٿو!

وير ڪيترائي آهن؟ جنگہ ميدان ۾ وڃي جنگين گولن کي منهن ڏين. پر اُن ڪان متي ڀڳت آهي. سڪندر سورمو هو؛ پر سڪندر اندرين کي ڪين جيتيو؛ سڪندر ويچاري شراب پيتو، پراين استرين پنيان پيو! سچو ڀڳت سو جنهن جو نيڻ نيڻ نرمل آهہ. ڪاوڙ ۾ يرجي وڃون ٿا، پر سچو ڀڳت ڏير ٿي رهي ٿو؛ ۽

(۲)

پارسي

هن پياري جو نالو گھٽن ڪين ٻڌو آهه. سندس جنم ٿيو پري پري! فقير هو؛ ڪيس چوندا هئا ”پارسي درويش!“ مٿس اهو نالو ڇو پيو؟ ترڪستان ۾ هڪ ملڪ آهه. اُن جو نالو ”پارس“. اُن ملڪ ۾ هن پياري جو جنم ٿيو. ”پارسي درويش“ يعني اُهو فقير جنهن جو جنم پارس ملڪ ۾ ٿيو.“ هن پياري جي جيون ۾ هڪ سندر ڳالهه هيءَ هئي تہ هن سيکاريو تہ ساڏنا ڪريو! جي روحاني زندگيءَ کي کولڻ ٿا چاهيو تہ ساڏنا ۾ هلو. هن فقير نيمن تي زور رکيو! مان سمجهان ٿو تہ نيمن ۾ هلڻ ضروري آهه. هيءُ سرير ڇا آهه؟ سرير آهي گهوڙو. گهوڙي کي لغام ۾ نہ ٻڌندا تہ گهوڙو ڪنهن وقت بہ ترڪي ويندو ۽ توهان کي ڪيرائي ڇڏيندو، تنهنڪري سرير کي هن درويش نيمن ۾ ٻڌو. ڪيترا سال هن سرير کي سيکاريو تہ ڪيئن ساڏن ۾ هلجي. ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو ڏسندا هئا تہ هي درويش پاڻ سان، پنهنجي سرير سان وينو ڳالهائي. اسان جي ڏينهن جو هڪ سنت شري رامڪرشن پرمهنس بہ ويهي پنهنجي سرير سان ڳالهائيندو هو. پارسي

وت چو آيو آهين؟ نوجوان سمجهي ٿو تہ:- ”نوري تہ ڪامل فقير آهہ! تنهنڪري نوريءَ کي منهنجي ڳالهہ جي پروڙ آهي!“ نوجوان نوريءَ کي چوي ٿو تہ:- ”اَءِ ڪامل پرش! مون کي قبول ڪر! منهنجو گرو ٿي!“ ائين چئي نوريءَ جي چرنن ۾ ڪِري پوي ٿو ۽ چويس ٿو:- ”سائين! سچ پچ مان سڀ ڪجهہ ڇڏي اوهان جي درشن لئہ آيو آهيان. پر سائين! مون کي انهن دنيا جي ڳالهين جي يادگيري ڇو ٿا ڏياريو؟ مون کي دکي ڇو ٿا ڪريو؟“ تڏهن نوري چويس ٿو تہ:- ”جنهن ڌن دولت لتاڙيو آهہ سوئي سچو جڳياسو آهي! ۽ جو دنيا کي ٿو ڇڏي اُن کي ستگر ٿو اڏي! اَءِ نوجوان! تون سڀاڳو! ويهہ منهنجي سنگہ ۾، ڇو تہ تو پنهنجي جيون ۾ تياڳہ ڏيکاريو آهي.“ هن کي نوُري پاڻ وٽ رهائي شيوا ۾ قبول ڪري ٿو. اَسين بہ پاڻ کي جيڪر اِهو سوال پڇون تہ ”ستگر جي صدقي اَسان ڪجهہ بہ ڇڏيو آهي؟“ مان شان ڇڏيو اٿئون؟ پيسو پدارٿ ڇڏيو اٿئون؟ شش ٿيڻ تہ پري آهي: پر طالبو، جڳياسو، سو آهہ جو تياڳي ٿئي ۽ دنيا کي لت هڻي!

ڪاڏي جا تنهنجي لئہ ڪافي آهن.‘‘

ڪجهہ وقت ست گرهہ کائڻ جو نيم ڪيائين. هڪ ڏينهن ٨ گرهہ کائي ويٺو: پوءِ ڪئن نہ رنائين! چيائين تہ ’’الا! مون نيم ڀڳو!‘‘ ڏاڍو پڇتاءُ ڪيائين اسان جي حالت ڪهڙي؟ هڪ ڏينهن بہ اُپواس نہ پڄي! اُپواس رکڻ چڱو آهي. هفتي ۾ هڪ ڏينهن فقط هڪ ويلو کائو تہ صحت سڌري. هن درويش ڪيترا ساڌن ڪيا پاڻ تي ضابطو سکڻ واسطي. هيءُ سرير اَجهل آهي. ڪيترا بهانا تو ڳولي اسان کي ڪيرائڻ واسطي. تنهنڪري ضابطي ۾ هلو! صحت ٿوري کائڻ سان پاڻ سڌري ٿي. گهڻي کائڻ ڪري گهڻيون بيماريون اچن ٿيون. هن وقت ڏسو ڪيتريون نہ هوٽلون آهن! ڪيترا نہ دڪان! ۽ ڪيئن نہ کائون ٿا! اسان تي جوابداري آهي. اسين رهون ٿا اُن ملڪ ۾ جت ڪروڙن کي ماني هڪ ويلو بہ نٿي ملي. اهڙي ديس ۾ اسان کي حق ڪهڙو آهي جو اسين عيش عشرت ۾ رهون!

ڪيترا ڪَنن ساڌن هن فقير ڪيا. ڪجهہ وقت جهنگہ ۾ وڃي رهيو: چيائين تہ شهرن ۾ گوڙ شور آهي. هڪ هڪ پريوءَ جو پيارو اُن ويچار جو آهي. هڪ هڪ پياري ڪجهہ وقت سانت ۾ گذاريو آهي. شري رامڪرشن پرمهنس ڪيترا سال سانت ۾ رهيو. ايڪانت ۾ رهي هن پيار پنهنجي زندگي ٺاهي. پارسي فقير بہ وڃي رهي ٿو ٻيلي ۾، سانت ۾. هڪ ڏينهن سرير کي چوي ٿو ’’سرير! سڪہ ٿون هيءَ ڳالهہ: توکي ڪپڙن جي ڪهڙي ضرورت آهي؟‘‘ يڪدم اُتي وڻن جا پتا چني اُنهن ۾ سڄو وجهي سرير

درويش کي پڏندا هئا تہ سرير کي چوندو هو تہ ”تون جيڪي گهرندين سو مان توکي ڪين ڏيندس!“ ڏسو سرير ڇا ٿو گهري؟ سرير گهري ٿو آرام، سستي! سرير گهري ٿو عيش عشرت اسين اڪثر ڇا وينا ڪريون؟ سرير چوي تہ ”مون کي ننڊ کپي!“ اسين وڃين سمهون. سرير چوي تہ ”مون کي مٺيا ڏيو!“ يينرون سرير کي مٺيا وٺي ڏين! سرير چوي تہ ”مون کي محفل ۽ مجلس ۾ وٺي هلو!“ اسين سرير کي اُت وٺي وڃون. سرير چوي تہ ”مان ويندس سئنيما تي، ناٽڪ تي.“ اسين اُت وٺي وڃونس ۽ خيال نہ ڪريون تہ اسان جي روحاني زندگي وڃي پيٺي دبي. هن پارسي درويش سيکاريو تہ سرير جيڪي گهري سو اُن کي نہ ڏيو.

ڪيترا دفعا سرير چوي تہ ”هيءُ شيءِ کان، هوءَ شيءِ کان.“ ڪاڏي ۾ اسين پوري سنڀال نٿا ڪريون! اسان جو فرض آهي تہ سرير کي صحت ۾ رکون، پر اُن جو مطلب نہ آهي تہ سرير جيڪي گهري سو اُن کي ڏيون. هن درويش سرير کي ٿوري کائڻ تي هيرايو. پورو کائو ۽ پورو کائڻ آهہ ٿورو کائڻ. اڪثر اسين گهڻو ٿا کائون. هڪ ولائت جو ڊاڪٽر چوي ٿو تہ ”هن وقت ڪيترا مرض ٿين ٿا ڇو تہ ماڻهو گهڻو ٿا کائين.“ ماڻهو ڇو ٿا گهڻو کائين؟ نہ تندرستي واسطي، پر سواد واسطي. جو سواد ۾ وڃي ٿو، سو عيش عشرت ۾ وڃي ٿو ۽ هڪ ڏينهن پاپ ۾ ڪِري پوي ٿو. هن درويش سيکاريو تہ پاڻ کي ٿوري کائڻ تي هيريو: هن درويش چيو تہ سرير کي ٿوري تي راضي رهڻ کپي! هڪ دفعي هن درويش پنهنجي سرير کي چيو تہ ”ست گرهہ

هي پيارو ست سنگہ کولي ٿو.

هڪ ڏينهن هڪ ياءُ هن درويش وٽ اچي ٿو ۽ چويس ٿو تہ ”سائين! توهين ڪھڙو نہ پچ تا ڪريو! ستسنگہ کولي توهان ڪيترين دلين کي نہ ڇڪيو آهي. مان روز ست سنگہ ۾ اچان پيو، پر منهنجي پياس آهي تہ اوهين منهنجي گهر اچو ۽ اچي پوڄن وٺو: جيڪو ڏينهن اوهان کي وڻي.“ درويش چوي ٿو تہ ”پيارا! تنهنجي قرب جي ڪوٺ آهي. مان ايندس. سڀاڻي تنهنجي گهر ايندس.“ ٻئي ڏينهن ست سنگيءَ جي گهر وڃي ٿو. هن درويش مسلمان ملڪ جو هو، پر ماس ڪين کائيندو هو. سندس ڪي ست سنگي کائيندا هئا. هن ست سنگيءَ جي گهر وڃي پوڄن تي وهي ٿو. اجا هڪ گرهہ مس کائي ٿو تہ ڏسي ٿو تہ گوشت آهي. يڪدم وات مان ماس ٻاهر ڪڍي ٿو ۽ چوي ٿو ”شڪر! شڪر!“ سندس وات ۾ گوشت ٽڪر پيو پر کاڌائين ڪين. ”شڪر! شڪر!“ ۽ ست سنگيءَ کي چوي ٿو تہ ”پيارا! مون تنهنجي پيار جو پوڄن ورتو! توکي خبر بہ هئي تہ مان گوشت نہ کائيندو آهيان؛ پر لکہ شڪرانا جو تو مون کي هيڏو قرب ڏنو آهي!“ هن ست سنگيءَ سان ڪي روحاني ڳالهيون ڪري ٿو ۽ پوءِ موڪلائي گهر اچي ٿو. رستي تي بہ پيو چوي ”شڪر! شڪر!“ هيءُ درويش پنهنجي جيون ۾ هيءَ سکيا ڏيندو رهيو تہ ڪجهہ بہ ٿئي، متان پاڻ کي منجهايو! پر چئو ”شڪر! شڪر!“ ڪو توهان جي پيٽ تي نہ پوي تہ چئو ”شڪر!“ پنهنجي هردي جي اندر هي ياءُ رکو:- ”شڪر!“ جيڪي ٿئي

ڪي چوي ٿو ”اَءِ سرير! هيءُ ڪپڙا پائڻ تون سڪ!“ پاڻ ڪي ضابطو سيکارڻ واسطي! هي ڪپڙا پائي ٿو ۽ گد گد ٿئي ٿو!

شري رامچندر بہ ائين ڪيو. راجا جو پُٽر هو: پر جڏهن وجي ٿو بنواس ۾ تڏهن پنهنجي سرير کي پائي ٿو وڻ جا پتا ۽ چوي ٿو تہ ”ڪيڏو نہ آنند! ڪيڏو نہ آنند! هي ڪپڙا مون کي مليا آهن ڌرتي ماتا وٽان!“ سري رامچندر وڻ جا پتا پائي گد گد ٿئي ٿو.

مان اوهان کي نٿو چوان تہ توهين وڻ جا پتا پايو پر سادا ڪپڙا پايو. چو ريشم؛ پٽ پٽيهر، پايو؟ سادن ڪپڙن ۾ ڪيڏو نہ آنند آهي!

هن درويش وري وري هيءَ سکيا ڏني تہ سادگيءَ ۾ ڪلي ٿي روحاني شڪتي. ششن کي هي بہ چيائين تہ ”سانت واسطي ڪجهہ پيار رکو!“ منهنجي وينتي بہ اوهان کي آهي تہ روز ڪجهہ وقت سانت ۾ گذاريو، توهان کي ڪم ڪاريون آهن، سي بيشڪ ڪريو! پر روز گهٽ ۾ گهٽ اڌ ڪلاڪ سانت ۾ رهو اسان جو وقت ڪيئن نہ ڳالهہ ٻولهہ ۾ وڃي ٿو! اڌ ڪلاڪ گهٽ ۾ گهٽ سانت ۾ وهو: پوءِ ڪلاڪ، پوءِ ڏيڍ ڪلاڪ، پوءِ بہ ڪلاڪ! بہ ڪلاڪ سانت ۾ ويهي سگهو تہ توهان جي روحاني زندگي ڪيئن نہ ڪلي! هن پارسي درويش پنهنجي زندگي ائين ناهي. هاٿي موتي ٿو شهر ۾. پهرين پنهنجي زندگي ناهي ٿو. پهرين پاڻ کي پوترتا جو گڻ سيکاري ٿو. پوءِ اچي ٿو شهر ۾. سو نگر سڀاڳو جنهن نگر ۾ پريوءَ جو ڪو پيارو اچي ست سنگہ ڪولي.

تيرٿ تہ آهي ست پرکہ جي ٺي ڪمل چرنن ۾. پارسي درويش ستسنگين کي چوي ٿو تہ ”وڃان ٿو تيرٿن تي: آسيس ڏيو!“

ٻئي ڏينهن پارسي درويش تيرٿ تي نڪري ٿو، نيٺ اچي مصر ديش ۾ پهچي ٿو؛ يڪدم ستپرکہ جي گهر وڃي ٿو. ڇا ٿو ڏسي؟ هڪ ڪوٺڙي آهي اُن ڪوٺڙيءَ ۾ هي پيارو وينو آهي. عمر ۾ وڏو، وار اڇا ٿي اڇا، سادو، ڪپڙا صاف، اکيون بند. پارسي درويش هن پياري جي چرنن ۾ سر جهڪائي ٿو ۽ سر جهڪائي چويس ٿو تہ ”آسيس ڪريو! خدا جي واسطي!“ ست پرکہ تہ وينو آهہ ڌيان ۾. اِلاَئي ڪئن پارسي درويش جا اکر ٻڌي ٿو ۽ اکيون کولي ٿو! پارسي درويش کيس چيو تہ ”مون کي آسيس ڪريو، خدا جي واسطي:“ هن ست پرکہ جو نيم هو تہ خدا جي واسطي ڪير بہ گهرندو هوس تہ ڏيندو هو. سو ڌيان مان اکيون کولي هن پارسيءَ ڏي نهاري ٿو ۽ پارسي درويش پيو کيس نهاري. ٻڍو آهي پر سندس اکين ۾ ڪيڏي نہ روشني! هي ست پرکہ هينئر پنهنجي زبان کولي ٿو ۽ پارسي درويش کي عجيب الاهي محبت ۾ نهاري ٿو: چوي ٿو ”ڀلي آئين! پارسي درويش ڀلي آئين! تنهنجي اچڻ لئہ تہ مون وينئي نهاريو. ڀلي آئين! پيارا ڀلي آئين!“ پارسي درويش وائڙو ٿي وڃي ٿو. سمجهي نٿو سگهي تہ سندس نالي جي خبر هن ست پرکہ کي ڪئن پيئي؟ سندس چرنن ۾ سر جهڪائي ٿو ۽ چوي ٿو تہ ”سائين! مون تہ اوهان کي هردي اندر پننجو گرو ڪيو آهي. ڪرپا ڪري مون کي پنهنجي ڪمل قدمن ۾ قبوليو ۽ اُپديش

ٿو سو ستگر جي حڪم ۾ آهي، تنهنڪري نراس نہ ٿيو: بهادر ٿيو. زندگي ويرن سورمن واسطي ۽ وير سورمي جو ڪم آهي تہ هميشه چوي ”شڪر!“ تڪليف اچي تہ چئو ”شڪر!“ بيماري اچي تہ چئو ”شڪر.“ هر حالت ۾، جنهن ۾ منهنجا پريتم تون رکين تنهن ۾ شل چوان ”شڪر!“

روز ست سنگہ هلائي ٿو. هڪ ڏينهن جڏهن ست سنگہ پورو ٿيو اهي تڏهن هڪ ماڻهو هن پياري وٽ اچي ٿو. چويس ٿو تہ ”سائين! مون اوهان جو ناماچار ٻڌو آهي. مان آيس اوهان جو درشن ڪرڻ. توهان جو درشن نصيب ٿيو. اوهان جو نالو پرسڌ آهي. مصر ديس ۾ بہ اوهان جو نالو ويو آهي؛ اُتي هڪ درويش آهي، پريوءَ جو پيارو. جيڪر اُن جو اوهين درشن ڪريو! هي مصر ديس جو پيارو سانت ۾ گهڻو وقت گذاري ٿو.“ بيشڪ! ست پرکہ رهن سانت ۾، گوڙ شور کان پري. پاڻ لڪائين، پڌرائي ۾ آهي حرڪت، سانت ۾ آهي برڪت. ست پرکہ پريوءَ جا پيارا، پاڻ کي لڪائڻ ٿا چاهين. هي ماڻهو چوي ٿو تہ ”سائين! هي مصر ديس جو پيارو پاڻ کي لڪل رکي ٿو! اوهين جيڪر هن جو درشن ڪريو!“ هي چوي ٿو ”پيارا! تنهنجي مهرباني جو تو مون کي هن پريوءَ جي پياري بابت ٻڌايو!“ ساڳئي ڏينهن پارسي درويش ست سنگين کان موڪلائي ٿو ۽ چوي ٿو تہ ”مان وڃان ٿو تيرٿن تي مصر ديش ۾“. ست سنگي چون ٿا تہ ”سائين! مصر ملڪ پري آهي.“ درويش چوي ٿو ”وڃان ٿو ڪنهن ست پرکہ جي درشن واسطي!“ بيشڪ! سچو

سچو ست سنگ ڇا آهي؟ روحاني دروازو. ڪيترين پياسي
دليون اتو. جو ست سنگ کولي ٿو سو سچي شيوا ڪري ٿو. هڪ
ڏينهن ڇا ٿو ٿئي؟ ست سنگ پورو ٿيو آهي ته هڪ ماڻهو اچي
هن پياري جي چرنن ۾ وهي ٿو ۽ درويش چويس ٿو ته ”تون
هن شهر جو آهين يا ٻئي شهر جو؟“ ماڻهو چوي ٿو ته ”سائين!
مان ٻئي شهر مان آيو آهيان. مون اوهان جو ناماچار ٻڌو. مان آيو
آهيان اوهان کان آسيس وٺڻ.“ درويش چويس ٿو ته ”پيارا!
توکي ڇا ڇوٽو آهي؟ ڇته.“ ماڻهو چوي ٿو ”سائين! مان
ڏوارنهين ملڪ مان آيو آهيان. مان اڃا اڄ آيو آهيان مان. ڪنهن
کي ڪين سڃاڻان. مون کي ڪاڏو ڪپي توهين مون کي پاڻ وٽ
رهايو. مون کي نڪو مت نڪو مائٽ هن ديس ۾.“ درويش
چوي ٿو ”پيارا! تون بيشڪ رهه!“ ٻه ٽي ڏينهن گذرن ٿا. هي
ماڻهو روز ست سنگ ۾ اچي ٿو. درويش هڪ ڏينهن هن ماڻهوءَ
کي پاڻ وٽ ڪوني ٿو. چويس ٿو ته ”پيارا! تون ست سنگ ۾ روز
اچين ٿو پر تون ڪارا ڪپڙا ڇو ٿو پائين؟“ ماڻهو چوي ٿو
”سائين! اسان جي ملڪ جي اها رسم آهي ته ڪنهن جو ڪوبه
مائٽ مري وڃي ته ڪارا ڪپڙا پائين.“ درويش چوي ٿو ”پيارا!
تنهنجو ڪير مري ويو آهي جو تون ڪارا ڪپڙا ٿو ٿو پائين؟
تڏهن هي ماڻهو چوي ٿو ته ”پنج منهنجا دوست مري ويا. ڪيترو
وقت مون سان رهيا، پنج ئي مري ويا!“

درويش چويس ٿو ”پيارا! پنج متر تنهنجا مري ويا؛ تن جا
نالا ته ٻڌاءِ؟“

ڏيو.“ ست پرڪ چوي ٿو ”پيارا! تنهنجي منزل وڏي آهي؛ اُپديش جي توکي ضرورت ڪانهي.“ پارسي درويش چوي ٿو ”سائين! پنهنجي ست سنگ ۾ مون کي وهاريو ته اوهان جي نور جي آسيس مان روز روز وڌان ۽ مانڪ جنم سڦل ڪريان.“ ست پرڪ کيس چوي ٿو ته ”پيارا! مان توکي ست سنگ جي بخشش ڏيان ٿو: تنهنجي اندر ۾ گهڙي وڃان ٿو. اڄوڪو ڏينهن تون بيشڪ هِت رهه: سڀاڻي تون روانو ٿيءُ پنهنجي ملڪ ڏي، اُت وڃي منهنجي شيوا ڪر! لوڪ دکي آهن: موٽي وڃي پنهنجي ملڪ ۾ ست سنگ هلاءِ ۽ دکي لوڪن جي شيوا ڪر.“

سچو يوگي ڪير؟ گيتا ۾ اُن سوال جو جواب شري ڪرشن ڏئي ٿو. شري ڪرشن چوي ٿو ته ”سچو يوگي سو آهه جو مون کي پنهنجي اندر ڏسي ٿو: نه فقط ايترو پر جو ٻين ۾ به مونکي ڏسي ٿو.“ سچو يوگي ٻين ۾ پريوءَ کي ڏسي ٿو ۽ سچو يوگي پروڙي ٿو ته لوڪ آهن دکي، ڇو ته لوڪ پريوءَ کي وساري ويٺا آهن. سچو يوگي لوڪن جو دک ڌسي ٿو ۽ دک ڏسي سچو يوگي وڃي اُنهن جي شيوا ڪري ٿو. پارسي درويش کي سندس گروءَ جو حڪم مليو ٿو. سچو شش سو جو گروءَ جو حڪم مڃي، کهڙو به حڪم هجي. اڪثر اسين ائين نٿا ڪريون. جڏهن ڪا ڳالهه اسان کي وڻي، تڏهن گروءَ جي آگيا مڃون ٿا؛ پر جڏهن ڪا ڳالهه اسان کي نٿي وڻي ته پنهنجي ڳالهه تي هلون ٿا، اهو آهي اسان جو ”آپو“. پارسي درويش گروءَ جي آگيا وٺي پنهنجي ملڪ موٽي ٿو. ست سنگ هلائي ٿو.

دفعا درويش هن ماڻهوءَ جي بيعزتي ڪري ٿو: پر ١٧ ئي دفعا هن ماڻهوءَ جو مکڙو شانتيءَ ۾ پيو چمڪي! روحاني روشنيءَ ۾ هن جو چهڙو پيو چمڪي!

اسان جي هڪ دفعو ڪو بيعزتي ڪري، غلط فهمي جي ئي ڪري، بيعزتي ڪري، ڏسو ته اسين ڇا ڇا ڪريون؟ ڪيڏي نه ڪاوڙ، ڪيڏو نه ڪروڌ، ڪيڏو نه تڪرار، ڪيڏي نه جڏ اسين لڳايون ٿا؟ ڇو ٿا ائين ڪريون؟ سبب ڪهڙو؟ اسين سهون نٿا. اسان جي اندر ايمان آهي.

”پنهنجو آپو مار! ارجن!“ چوي ٿو شري ڪرشن پنهنجي پياري کي. ”ڪڍ تون تلوار: روحاني تلوار، تون پنهنجو ايمان مار!“ اسان کي آپو آهي! همتا! ممتا! تنهنڪري اَسان کي ويچار ٿئي ٿو ته فلاڻي مون سان ڪهڙو ڳالهايو، فلاڻي منهنجي بيعزتي ڪئي: مان وير وٺندوسانس. اسان ۾ آپو آهي: همتا ممتا آهي. سچو يوڳي سو جو سکه دکه، مان اپمان ۾ رهي ٿو ساڳيو! جنهن کي ساکه ۽ نندا جي پرواهه ڪانهي، جو سڀ ڪجهه صبر ۾ سهي ٿو: سوئي ڀڳت پيارا! هي ماڻهو ته ڀڳت هو. پارسي درويش ته هن جي آزمائش ٿي ورتي. درويش جو ويچار نه هو ته هن جي بيعزتي ڪريان، پر آزمائش وٺانس: هي جو ماڻهو چوي ٿو ته منهنجا هاٿي ٥ متر مري ويا آهن، سو هام هڻي ٿو يا سچ چوي ٿو: ”آزمائي ته ڏسان ته ڪيتري قدر برابر آهي.“ هينئر ڏسي ٿو ته هن ماڻهو جيڪي چيو سو سچ چيائين: هي ماڻهو برابر نرايماني: هن کي پاڻ وٽ ڪوئي درويش چويس

ماڌو:- ”سائين! توهين پڇو ٿا، توهان کي نہ ڪيئن ڪريان؟ پنج متر تن جا نالا ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موہ، اهنڪار، اهي پنج متر مون سان ڪيترو وقت رهيا ۽ هڪ ڏينهن منهنجا پنج ئي متر مري ويا، تنهنڪري ڪارا ڪپڙا تو پايان!“

درويش ست سنگہ جي هڪ ٽهلئي کي ڪوني ٿو ۽ چويس ٿو تہ ”هن ماڌوءَ کي دروازي کان ٻاهر ڪڍ!“ هي ويچارو ماڌو وائڙو ٿي ٿو وڃي. چوي ٿو تہ: ”سائين! مون کي ست سنگہ جي در کان ٿا ٻاهر ڪڍو. مون اجان روٽي بہ ڪين کاڌي آهي.“ درويش وري بہ ٽهلئي کي چوي ٿو تہ ”هن ماڌو. کي ست سنگہ جي در کان ٻاهر ڪڍ!“ ٽهليو هن ماڌوءَ کي ٻاهر ڪڍي ٿو. هي ماڌو چوي ٿو تہ ”مان ٻاهر ئي وينو آهيان: سنتن جو در ڪين ڇڏيندس. مس مس مون کي سنتن جي در جو درشن مليو آهي سو مان سنتن جو در ڇڏيندس ڪين. من ڪڏهن مون کي نهاري: ڪڏهن وري مون کي ڪوني! ضرور منهنجي ڪا پُل ٿي هوندي.“ در تي وينو آهي. هينئر درويش ٽهلئي کي چوي ٿو تہ ”هن ماڌو کي اندر ڪوٺ!“ ماڌو اندر اچي ٿو ۽ درويش کيس چوي ٿو ”هينئر تون ماني کاءُ، هينئر آشرم جي ماني جو وقت آهي، وڃين کاءُ.“ هي ماڌو ماني کائي گد گد ٿئي ٿو. وري درويش ٽهلئي کي چوي ٿو تہ ”هن ماڌو کي ٻاهر ڪڍ!“ اهڙي نموني ١٧ دفعا درويش هن ماڌوءَ کي ٻاهر ڪڍي ٿو ۽ درويش هن ماڌو جي منهن ۾ نهاري ٿو. ڏسي ٿو تہ ١٧ ئي دفعا هن ماڌو جو مکڙو پيو چمڪي؛ سانت ۾ پيو مشڪي. ١٧

(٣)

لوهار

هن کي دڪان هو؛ لوهار جو ڪم ڪندو هو، ڪيس ٻئي ناليءَ سان بہ ڪوٺيندا هئا: ”خراساني“. ڇو تہ هن جو جنم ٿيو خراسان ۾. پهرين هڪ معمولي ماڻهو آهي، پر اُنهيءَ وقت بہ هن وٽ ڪيو اچي تہ ڳالھ ٻولھ ڪندي چوي تہ ”مترڪو ڇا تو چوي؟ مضبوط ٿيو!“ اها سکيا اسان سڀن کي ڪپي. ڍلا آهيون؛ روز روز ڪيئن نہ ڍرڪندا وڃون ٿا. مضبوط ٿيو! ڪئن؟ جيون ۾ سادگي آڻيو. پر اسين تہ وڃون پيا سادگي ڇڏيندا. اسان گهر مضبوطيءَ ۾ ٻڏل ڪين آهن. هي لوهار لوڪن کي چوي ٿو تہ ”مترڪو ڇا تو چوي؟ مضبوط ٿيو!“

هڪ ڏينهن دڪان تي ويٺو آهي. فرصت ملي اٿس. پري کان هڪ استري ڏسي ٿو؛ اُن تي مست ٿي پوي ٿو! سندس دل ۾ وڪار اُٿن ٿا: چوي ٿو تہ ”مان جيڪر هن سان شادي ڪريان!“ ڪنا ويچار اچن تہ صحت هلي وڃي. هن ويچاري جو هوش گوش هليو وڃي ٿو. استريءَ مٿان مستان ٿي پوي ٿو. هڪ متر چويس ٿو تہ ”هڪ جادوگر اٿيئي! اُهو توکي جادو ڏيندو ۽ پوءِ

ٿو: - ”مبارڪ! مبارڪ! پيارا توکي مبارڪ! بيشڪ تنهنجا ٥ وڪار مري ويا آهن.“ ائين چئي درويش هن ماڻهوءَ کي ياڪر پائي ٿو. درويش جي ياڪر ۾ ڇا آهي؟ سنتن جي ياڪر ۾ ٻه آهه مهر جي ڏارا ۽ هي ماڻهو جنهن کي پارسي درويش ياڪر پائي ٿو ڏڏي ٿو: ڇو ته هن ماڻهوءَ کي اچي ٿي نرمل ڏارا جا سنت موڪلين ٿا. ڏڏي ڪري پوي ٿو ۽ بيهوش ٿي وڃي ٿو. اها بيهوشي ڪين آهي، پر ”سماڌي“. ڪجهه وقت ڪان پوءِ هي اُٿي ٿو ۽ هن جي اکين ۾ ڪيڏي نه جوت! ۽ درويش کي چوي ٿو: ”سائين اوهان جي مهر! مون ڏٺو، مون ڏٺو!“ ڇا هن ڏٺو؟ درشن، ديدار! پر اُن ديدار جو ذڪر ڪير ڪري؟ گونگو ڪائي ڳر: پوءِ زبان سان ڳر جو ڪيئن ذڪر ڪري؟ درشن ديدار جو ڪجهه ذڪر ٿي سگهي ٿو اکين سان: جو هلي ٿو روحاني راهه ۾، جو ڪري ٿو ديدار، اُن جون اکيون پيئون چمڪن! هي ماڻهو چوي ٿو ته ”مون ڏٺو! مون ڏٺو!“ سندس اکيون پيئون چمڪن! پيارا! تو درشن ڏٺو ڇو ته تو ڪيترو نه سٺو! شل اسين ٻه سهون! شل سهڻ سکون! من جو ايمان شل ڪپيون! روحاني تلوار سان شل آپو ڪپيون! روحاني تلوار سان آپي جي راوڻ کي ماريون! آپو ڪپيون ۽ پايون پد نروان. جو پائي پد نروان سو ور ور پيو چوي: - ”مون ڏٺو! مون ڏٺو!“

ٻئي ڪي لڳي!“

جادوگر چوڻس ٿو ته:- ”پوءِ جادو ڪيئن لڳندو؟“ بس! هيئنئر لوهار تي مهر ٿئي ٿي. پنهنجي گهر موٽي ٿو: بند ڪوٺيءَ ۾ رهي ٿو: روئي ٿو. بند ڪوٺيءَ ۾ پرارٿنا ڪري ٿو: ”سائين تو مون کي بچايو، مون ته توکي وساريو، پر تو نه وساريو! مالڪ مهربان! تنهنجي مهر تي مون گنهگار تي. اڄ کان وٺي مان پنهنجي زندگي تنهنجي چرنن ۾ رکان ٿو!“

اُن ڏينهن کان وٺي پريوءَ جي شرن وٺي ٿو. سندس ڪمائي روزو ٣ رپيا آهي. هڪ رپيو پاڻ تي خرچي ٿو: ٻيا ٻه رپيا ڏئي ٿو غريبن کي. هڪ شهر ۾ هڪ سفيد پوش گهر آهه: اُت يتيم بالڪ آهن: ويچار ڪري ٿو ته اُت مان هي ٻه رپيا دان ڪريان. لڪل طرح دان ڪري ٿو. ٻه رپيا ڪٽي وجي ٿو گهٽيءَ ۾، گهٽيءَ ۾ ڀي ٿو هيڏانهن هوڏانهن نهاري ٿو ته ڪو اچي نه ڪونه ٿو! جڏهن ڏسي ٿو ته ڪوئي ڪونهي، تڏهن ٻه رپيا اُنهي گهر ۾ اُڇلائي ٿو. يتيم رپيا ڏسن ٿا: ڪين عجب لڳي ٿو ته اِهي ٻه رپيا ڪٿان آيا؟ يتيم پيا پرارٿنا ڪن ته جيڪو ٻه اِهي رپيا پيو موڪلي، اُن تي شل آسيس اچي! غريبن کي سکي رکو: نه رنجايو! غريبن جي ڳوڙهن کي طاقت اٿو: تخت کي ٻه ڪيرائي ڇڏين. جي ڪنهن کي ڪو غريب آسيس ڏئي ته اُن کي اَڏي ڇڏي. لوهار يتيمن جي آسيس وٺي پيو. وجي ڀڳتيءَ ۾ وڌندو، آسيس ۾ وڌندو.

هڪ ڏينهن لطف جي لهر هن لوهار جي اندر اُٿي آهه ۽ هو

تون اُها استري قابو ڪري سگهندين.'' اهڙيون ئوليون اَڄان بہ آهن بينگال ۾. خراسان ۾ هڪ جادوگر آهي، جادو ڄاڻي. سنتن کي بہ جادو آهي؛ پر انهن جو جادو نرالو آهي؛ اُهي اسان جون دليون ٿا کسين، سنتن کي آتمڪ شڪتي آهي، اُها شڪتي جڏهن لڳي تہ اسان کي ڇڪي. پر هي خراسان جو جادوگر بيو جادو ٿو هلائي. لوهار جادوگر وٽ وڃي ٿو.

لوهار- هي منهنجو ڪم ڪندين؟ مون کي جادو سيکاريندين تہ مان اِها استري وٺي سگهان؟

جادوگر:- تنهنجو ڪم ڪندس، پر هڪ شرط تي.

لوهار:- ڪهڙو شرط؟

جادوگر! منهنجو حڪم ۾ ۴۰ ڏينهن هل.

لوهار:- حڪم ڪهڙو؟

جادوگر:- ۴۰ ڏينهن اُپواس رکہ ۽ اُهي ۴۰ ڏينهن متان پوڄا ڪرين! ۽ اهي ۴۰ ڏينهن ڪوبہ شيءِ ڪم نہ ڪر! ۽ نہ ڪرڻ جو ويچار ڪر! اهي شرط جي توکي قبول هجن تہ مان توکي جادو سيکاريان!

لوهار:- قبول!

ويچارو انڌ ۾ آهي، اُپواس رکي ٿو ۴۰ ڏينهن! پر استريءَ تي سندس جادو نٿو لڳي؛ نراس ٿي جادوگر وٽ موٽي ٿو! لوهار کي جادوگر چوي ٿو تہ ''انهن چاليهن ڏينهن ۾ ڪونہ ڪو شيءِ ڪم ڪيو هوندءِ!'' لوهار چوي ٿو: ''نہ. پر هڪ ڳالهہ ڪيم. پٽڙ پيو هو رستي تي؛ مون کي لڳو ۽ مون پري ڪيو، متان ڪنهن

هيٺ وهي ٿو؛ ۽ هي اُپديش ڏيندڙ مٿي صندليءَ تي وهي ٿو ۽ اُپديش ڏئي ٿو. اُپديش ڪان پوءِ هڪ غريب اچي ٿو، اچي سندس چولو گهري ٿو؛ هي ماٿهو هن کي پنهنجو چولو لاهي ڏئي ٿو!

لوهار:- (هٿ ٻڌي چوي ٿو) سائين! ڪرپا ڪري وڏيڪ اُپديش نہ ڏيو!

ماٿهو:- ڇو؟

لوهار تہ وڏيءَ منزل وارو آهہ؛ اندر جو ويچار ڄاڻي ٿو، سمجهي ٿو تہ هن چولو لاهي ڏنو غريب کي تہ لوڪ سمجهن تہ مان ڪو وڏو شيوڪ آهيان. جي دل اندر وڏيائي جو ويچار اچي تہ ”شيوا“ ڇڏيو! جنهن جي دل ۾ اِهو ويچار اچي تہ لوڪ واه! واه! ڪن تہ هو پاڻ کي انڌ ڪوپ ۾ ٿو ڪيرائي.

لوهار:- (چوي ٿو) اوهين جي دل ۾ نہ ڪريو تہ مان هڪ ڳالهہ کي چوان؟

ماٿهون:- چئو!

لوهار:- اوهان اُپديش تہ ڏنو، پر اوهان جي ديا جهڪي تي پيئي!

ماٿهون:- ديا ڪيئن جهڪي تي؟ مون ڪين چولو لاهي غريب کي ڏنو؟

لوهار:- اوهين اُبهرا ٿيا. اوهان ست سنگين کي شيوا جو وجهہ تہ ڏنو ئي ڪين! جيڪڏهن اُنهن مان ڪوبہ چولو لاهي نہ ڏئي ها تہ پوءِ جيڪر توهين ڏيو ها. پر اوهان چولو ڏنو تي

پاڻ کي چوي ٿو تہ ”هي لوهار جو ڪم بند ڪريان، ست سنگ
هلايان. دکي آهن پائر ۽ پينرون! من ڪن کي سائينءَ جي در
چڪيان!“ پوءِ دڪان بند ڪري ننڍڙو ست سنگہ کولي ٿو. ست
سنگہ لئہ ڇا کپي؟ راڳن جي ضرورت ڪانهي. پيسو، ڌن دولت
کپي ڪين، کپي اِڪ ڪانکي! اِڪ سچو پياسي، جنهن جي اندر
سائينءَ لاءِ سڪ هجي. جي اهڙو هڪ اچي ست سنگہ ۾، تہ
مبارڪ! هن لوهار جي ست سنگہ ۾ پهرين ٿورا اچن ٿا، پر پوءِ
گهڻا، هڪ هڪ پياسي آهي رام جي روشنيءَ لاءِ. جتي ڀڳت
ڏسو، ڪانکي ڏسو، تن جي چرنن ۾ سر جهڪايو! اُت رحم جي
روشني پيئي چمڪي!

ماڌو پيا چون تہ ”ڪهڙو تہ سندر ست سنگہ! هن لوهار جي
وهڻ ۾ ڇا آهي؟ چوڻ ۾ ڇا آهي؟ اسان کي پيو چڪي!“

هڪ ڏينهن هڪ ماڌو وٽس اچي ٿو ۽ چوي ٿو:- ”سائين!
مون کي هڪ وينتي آهہ!“

لوهار:- ”چئہ جيڪي توکي چوڻو آهہ!“

ماڌو:- سائين! ڪهڙو نہ سندر ستسنگہ اوهان جو ٿئي ٿو!
مون کي، موڪل ڏيو تہ مان اُپديش ڏيان!

لوهار:- تنهنجي دل ۾ اِها پياس ڪيئن اُٿي؟

ماڌو:- مان ڏسان ٿو تہ لوڪ دکي آهن: مون کي موڪل ڏيو
تہ مان اُپديش ڏيان!

لوهار:- ها!

اهو ماڌو ٻئي شام جو اچي اُپديش ڏئي ٿو، لوهار پٽ تي

آھہ! پر بي عقل تي رھن ٿا! جو روحاني راھ ۾ هلي تنهن کي ڪپي تہ صدق ۾ جيون ٻڌي. جيون ۾ صدق رکو! عقل اوهان کي گهڻو اڳتي وٺي نٿو هلي، اسان جو عقل تہ اَڇي ٿو من چڪر مان؛ صدق رکو! پراچين رشين جي سکيا ۾ ان ڳالهہ تي زور ڏنل آهي تہ صدق رکو! ڳر پڪتي رکو!

هندستان هن وقت عقل هلائي پيو ۽ وڃي پيو پٽتي پوندو! صدق ڪپي! وشواس جي ضرورت آهي. شري اِيشا کان شش پڇن ٿا تہ ”ڪهڙي طاقت آهي جا روحاني زندگي تي هلائي؟“ شري اِيشا چيو: ”روحاني زندگي جي طاقت آهي صدق! صدق رکو! پهاڙن کي ٽوڙي سگهندا! مشڪلاتون ايندي‌ون: پر اُهو منهن ڏيئي سگهندو، جنهن کي صدق هوندو.“

هڪ ڀيو ست سنگي هن ”لوهار“ سان ٻاويهہ سال رهيو. ڪيڏي نہ هن سندس شيوا ڪئي! جڏهن اهو ماڻهو چولي ڇڏڻ تي آهي تڏهن ٻيا ست سنگي اُن کان پڇن ٿا ”ٻاويهہ سال تون هن سان رهئين! تنهن جو ذڪر تہ ڪر!“ ست سنگيءَ چيو:- ”ڪيئن مان هن جو ذڪر ڪريان؟ ٻاويهہ سال مان هن پياري جي سنگہ ۾ رهيس: پر ڪڏهن نہ مون هن کي دلگير ڏٺو!“ پريوءَ جي پياري کي دلگيري ڇا جي؟ بيماري اچي، مشڪلاتون اچن، پر دلگيري ڇا جي؟ پريوءَ ي پياري جي جيون ۾ صدق آهي! هو سڀ وقت پيو چوي تہ سائين تون انگہ سنگہ آهين!“ پوءِ دلگيري ڇا جي؟ سچي شيوڪ کي دلگيري ڪين اچي.

هن کي هڪ ڏينهن ڪي ست سنگي چون ٿا تہ پنهنجي

لوڪن جي واه واه لئہ!

اُن وقت ماڻهوءَ جي اکين ۾ پاڻي اچي ويو ۽ هو چوي ٿو: ”اوهين پهتل آهيو! منهنجي دل ۾ بيشڪ ويچار آيو تہ منهنجي واه واه ٿئي!“

هن زماني ۾ لوهار جي سکيا جي ڪيڏي نہ ضرورت آهہ! سچي شيوا سا آهہ جنهن ۾ ديکاديکي ڪانهي! وڏيڪ وڏيڪ دکين جي شيوا ڪريو، پر لوڪن کان لڪايو! شيوا ستگر جي چرنن ۾ ارپن ڪريو!

هڪ ڏينهن ست سنگين کان موڪل وٺي لوهار ٻاهر وڃي ٿو: وڃي سانت ۾ رهي ٿو! چوي ٿو:- ”سانت ضروري آهہ“. نديءَ جي ڪناري تي هڪ جهوپڙيءَ ۾ رهي ٿو: اُت هڪ ست سنگي اچي ٿو سهڙي، ڏسي ٿو تہ جهوپڙيءَ ۾ وينو آهي ۽ وينو ڳالهائي. ست سنگي سمجهي ٿو تہ ”اندر ڪو آهي جنهن سان منهنجو گرو وينو گفتگو ڪري.“ هي ماڻهو اندر گهڙي وڃي ٿو. ڇا ٿو ڏسي؟ لوهار پاڻ سان وينو ڳالهائي! ست سنگيءَ کي عجب لڳي ٿو: هي پاڻ سان وينو ڳالهائي! ڪهڙي گفتگو وينو ڪري؟“ هڪ سوال پيو پڇي پاڻ کان: ڪهڙا اکر پيو چوي:- ”عقل وڏو يا صدق وڏو؟“ وري سانت ۾ وڃي ٿو. وينو پاڻ کي سمجهائي! اسين بہ جيڪر ائين پاڻ کي سمجهايون! عقل کان صدق وڏو آهہ. هن زماني ۾ هن سکيا جي ضرورت آهہ. عقل جي پنيان ڪيترا نہ پيا هلن ۽ پوءِ ڪِري ٿا پون. ڪيترا جن جا دماغ وڏا سي ڪري پيا! پنهنجي جيون ٻڌو صدق ۾! عقل ڪيترن کي نہ

DECLARATION UNDER PRESS ACT FORM IV
SANT MALA

1. Place of Publication	:	10 Sadhu Vaswani Path, Pune - 411 001.
2. Periodicity of its Publication		Monthly
3. Printer's Name	:	S. P. Shahani
Nationality	:	Indian
Address	:	B-9 Parmar Trade Centre, Sadhu Vaswani Chowk, Pune - 411 001.
4. Publisher's Name	:	Sadhu Vaswani Mission
Nationality	:	Indian
Address	:	10, Sadhu Vaswani Path, Pune-411 001.
5. Editor's Name	:	A. M. Vaswani
Nationality	:	Indian
Address	:	10, Sadhu Vaswani Path, Pune-411 001.
6. Name & Address of individuals holding more than one percent of the capital	:	Sadhu Vaswani Mission, 10, Sadhu Vaswani Path, Pune-411 001.

I, A.M. Vaswani, hereby declare that the particulars given above for the year ending 28-2-2010 are true to the best of my knowledge and belief.

Date:
28th Feb. 2010

Sd. A. M. Vaswani
Signature of Editor

Editor : Shri A. M. Vaswani (Phone 40064447)
Published by : Sadhu Vaswani Mission
Owned by : Sadhu Vaswani Mission
at 10, Sadhu Vaswani Path, Pune - 411 001.
Typeset & Printed By S. P. Shahani at
WAHGURU ENTERPRISES
B-9 Parmar Trade Centre, Sadhu Vaswani Chowk,
Pune - 411 001. Phone : 26050755

سچي سکيا جيڪر هڪ ست ۾ ڏيو! تڏهن لوهار چوي ٿو:-
”پيارا! روشنيءَ جا سنتان ٿيو! روشنيءَ جا پُٽر ٿيو! جوت جا سنتان ٿيو!“ ست سنگي پڇن ٿا: ”جوت ڪيئن جاڳي؟“

لوهار:- ايمان چڙهيو! نندا نماڻا ٿيو!

هڪ اُپديش ۾ چوي ٿو ته:- ”جيون کي اِڪ ڏيئو ڪپي! نه ته آهه اوندهه!“

ست سنگي:- ”سائين! اهو ڏيئو ڪهڙو؟

لوهار:- ڏيئو اٿو هيءُ ته مالڪ جو خوف رکو!“

افسوس هي زمانو رهي ٿو بيپرواهي ۾! هن زماني ۾ ايشور جو خوف ڪٿي؟ لوڪ وڃن ٿا ڪِرندا! اُن جو مکيه سبب آهه ته سائينءَ جو خوف ڪونهي! روز روز خدا جو خوف رکو! لوڪ پيا پڇن ته ”پريو ڪٿي آهي؟“ ۽ پوڳه ۾، گناهن ۾ گرفتار پيا ٿين! نگر نگر ۾ شل ڪي ٿورا پائر ۽ پينرون ساڪي ڏين ته روشني وسامي نه وڃي! جوت جڳايو!

R.N.I.MAHSIN/2001/6085 PNCE/172/2009-2011

سنتن جي جيون چرتر تي
دادا واسوانيءَ جا پستڪ

١. شري جپ صاحب اُپديش (تي پاڻا:٨٥٨ پيج) ١٠٠ رپيا
٢. نوُريءَ جي نهار: اَنجليءَ جي پڪار (پڪي جلد سان)٤٠ رپيا
٣. شري سڪمني صاحب (ارٿ واد) (پڪو جلد) ٣٠ رپيا
٤. شريمد ڀڳوت گيتا (پڪو جلد) ٢٥ رپيا
٥. شري جپ صاحب (ارٿ واد) پڪي جلد سان ٢٥ رپيا
٦. نوُرِي ٻاٽي (پڪي جلد سان) ٣٠ رپيا
٧. دادا واسواڻي: سندس شبدن ۾ ٨٠ رپيا
٨. ڀارت جي نوئرماڻ جو منهنجي اَکين ۾ سپنو ١٠ رپيا
٩. موت: اننت جو دئار ١٠ رپيا
١٠. ٻگڙي بناني والا ١٠ رپيا
١١. حاضران حضور ١٠ رپيا
١٢. مکڙيون ١٥ رپيا
١٣. فقير فرانسز ١٠ رپيا
١٤. ڦرن فقير ويچارا، صورت لئہ سوين سڪن تا ١٥ رپيا
١٥. ميران مستانِي ١٠ رپيا
١٦. نوُريءَ سان گفتگو ١٥ رپيا

پستڪن جي لسٽ ۽ ٻِي لکپڙه لئہ لکو:-

Manager, Sant Mala,
10, Sadhu Vaswani Path, POONA - 411 001. (India).

March - 2010